SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLIX مجريه 2002

SINDH ORDINANCE NO.XLIX OF 2002

سنڌ (غير رضاڪاراڻي طور زبردستي چندو اوڳاڻڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ جو) آرڊيننس، 2002

THE SINDH (ERADICATION AND CURBING MENACE OF INVOLUNTARY DONATION OF FORCED CHANDA) ORDINANCE, 2002

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڏنڊ
Penalty

4. قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power to make rules

سنڌ آرڊيننس نمبر XLIX مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.XLIX OF 2002

سنڌ (غير رضاڪاراٽي طور زبردستي چندو اوڳاڻڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ جو) آرڊيننس، 2002
THE SINDH (ERADICATION AND CURBING MENACE OF INVOLUNTARY DONATION OF FORCED CHANDA) ORDINANCE, 2002

[28 ڊسمبر 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ غير رضاڪاراٽي طور تي زبردستي "چندي" اوڳاڻڻ کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ لاءِ قدم کنيا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ غير رضاڪاراٽي طور تي زبردستي "چندي" اوڳاڻڻ کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو سيشن هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ (غير رضاڪاراٽي طور زبردستي چندو اوڳاڻڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽

Short title and commencement

روڪڻ جو) آرڊيننس، 2002 سڌيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "عطيو ڏيندڙ" مطلب هڪ فرد، فردن جو گروهه، ادارو يا هڪ باڊي ڪارپوريشن؛

(b) "دروازي تي" جنهن ۾ شامل آهي رهائشي يا صنعتي احاطو، ڪاروباري دفتر، فيڪٽري، دڪان بشمول بازاري احاطن ۾ هٽ وارن گاڏن جي؛

(c) "فنڊ" جنهن ۾ شامل آهي عطيو يا حصو پوءِ اهو رقم هجي يا ڪنهن به قسم جو؛

(d) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(e) "بيان ڪيل" مطلب قاعدن موجب بيان ڪيل.

3. ڪو به غير رضاڪاراٽو فنڊ يا چندو عطيو ڏيندڙ کان نه اوڳاڙيو ويندو.

4. ڪنهن به شخص طرفان عطيو ڏيندڙ جي دروازي تان فنڊ جي اوڳاڙي منع ٿيل آهي.

5. هن آرڊيننس جي گنجائشن جي ٽڪراءَ ۾ اوڳاڙيل ڪو فنڊ يا زبردستي چندو حڪومت طرفان ضبط ڪيو ويندو.

ڏنڊ
Penalty

6. هن آرڊيننس جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندڙ ڪنهن به شخص کي سادي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٽن مهينن تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ڏهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو.

7. سواءِ عطيو ڏيندڙ طرفان لکت ۾ شڪايت جي ڪنهن به عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪنهن ڏوهه تي ضابطه

اختيار حاصل نہ هوندو.

8. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي

قاعدا جوڙڻ جو اختيار Power to make rules